FRIENDS OF INDUS FORUM

# فرينڊس آف انڊس فورم

# ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي جي صورتحال بابت پوزيشن پيپر

## تت / اختصار


انڊس ڊيلٽا، دنيا جو پنجون نمبر وڏو ڊيلٽا آهي[1]. ڪنهن دور ۾ پنهنجي گوناگوجيوت، مڇين جي بيشمار قسمن، جهنگلي جيوت ۽ وڻن ٽڻن جي ڪيترن قسمن سان مالا مال رهندڙ ۽ پاڪستان جي اهم ماحولي سرشتن ۾ هڪ تمام اهم ويٽ لئنڊ آهي. هن وقت، ڊيلٽا ۾ رهندڙن جو انگ اڌ ملين کن ٿيندو، منجهن قدرتي وسيلن جو ڏاهپ ۽ ماحولي سرشتي جي جٽادار ۽ معقول طريقي سان استعمال جو شعور صدين کان موجود رهيو آهي. انڊس ڊيلٽا جو، دنيا جي اهڙي موهيندڙ ۽ شان شوڪت واري هجڻ جو سبب سنڌو درياءَ جي تازي پاڻيءَ جي وهندي رهڻ سان قائم دائم رهندو آيو آهي. سنڌو درياءَ جو تازو پاڻي، هميشه زمانن کان پاڻ سان گڏ، لڪين ٽن لٽ وهائيندو هتي زرخيزي ۽ زندگي قائم رکندو آيو آهي. وچٽيءَ جي شڪل جهڙي هن قدرتي ڊيلٽا، هڪ اهڙو شاندار ۽ وسيع خطو خلقيو آهي جيڪو 600,000 هيڪٽرن ۾ سنڌ جي سامونڊي ڪناري سان، پاڪستان جي ڏاکڻي پرڳڻي ۾ پکڙيل آهي. پر بدقسمتيءَ سان، وقت گذرڻ سان گڏ هن ڊيلٽا، سنڌو درياءَ جي اوپاري وهڪري ۾ وقت بہ وقت آندل تبديلين سبب زبردست تباهيءَ جو منهن ڏنو آهي. نتيجي ۾ هڪ اهڙي صورتحال پيدا ٿي آهي جنهنڪي فطرت جي مانداڻ سان، انساني هٿ چراند جو هڪ بدترين مثال سڏي سگهجي ٿو.


## 1. پس منظر

ساحلي ماحولي سرشتن لاءِ ڊيلٽا، هڪ انوکي حيثيت ۽ شاندار خاصيتون رکندڙ ٿين ٿا. اهڙا ٽڪنڊا زميني ٽڪرا جتي، درياءَ سان وهي ايندڙ لٽ گڏ ٿيندو رهي، اهڙي هنڌ کي ’ڊيلٽا‘ سڏجي ٿو ۽ ائين اتي ٿئي ٿو جتي تازي پاڻيءَ جو تيز وهڪرو يا درياءَ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو.

ڊيلٽا، اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جو لفظ ۽ ان جي شڪل ٽڪنڊي زمين ٽڪري سان مشابهت رکندڙ ٿئي ٿي. اهڙو ٽڪنڊو ڊول ۽ ان جو هيٺانهون موڪرو حصو، درياءَ جي ڇوڙ واري هنڌ جي لٽ سبب، لٽجي بند ٿي وڃڻ سبب وجود ۾ اچي ٿو، جنهن سبب اصل وهڪري واري هنڌ کان، درياءَ ڪيترين ڦاٽن ۾ ڦٽي پوي ٿو. ڊيلٽا جي زمين عام طور تي انتهائي زرخيز ٿئي ٿي. پاڪستان ۾، انڊس ڊيلٽا سنڌ جي ساحلي علائقي سان اتي وجود ۾ آيو آهي جتي سنڌو، سمنڊ سان سنگم ڪري ٿو. سنڌوءَ جهڙي شينهن درياءَ پنيان، ان کي ”انڊس ڊيلٽا“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

انڊس ڊيلٽا، دنيا جو وڏي ۾ وڏو هڪ اهڙو ماڳ آهي جتي نہ رڳو گرم آبهوائي تمر ٿئي ٿو پر اهو دنيا جو پنجون نمبر وڏو ڊيلٽا پڻ آهي جيڪو پاڪستان ۽ انڊيا جي سرحدن تي آهي. عام وچٽيءَ



ڪوٽڙي بئراج ڪان هيٺ سنڌوءَ جو سڪل پيٽ

1 http://www.ramsar.org



ساموندي واچوڙن ۽ طوفانن انڊس ڊيلٽا کي سخت نقصان پهچايو آهي

جي شڪل جهڙو هي ڊيلٽا ان لَٽ سبب وجود ۾ آيو آهي جيڪو سنڌو درياءَ تمام وڏي مقدار ۾، قرا قرم ۽ هماليہ جبلن جي وادين مان پاڻ سان ليٽ پيٽ ڪندو لوڙهيندو آڻي ٿو.

انڊس ڊيلٽا، اٽڪل روءِ 600,000 هيڪٽرن تي اتر ۾ ڪراچي ۽ ڏکڻ ۾ رڻ ڪڇ ۾ پکڙيل آهي. منجهس ڪاڙيون (Creeks)، مڊ فليٽس (Mudflats) ۽ تمر جا ٻيلا موجود آهن. 17 وڏيون ڪاڙيون گڏجي، اصل هڪ شاهي ڊيلٽا ٺاهين ٿيون. انڊس ڊيلٽا جو ماحولي سرشتو، غذائي جزن ۽ وکرن سان مالامال آهي، جنهن سبب ڪيترن قسمن جي جهينگن ۽ مڇين لاءِ ڪاڏو مهيا ڪري ۽ نرسرين / پالينڌڙ جو ڪم ڏئي ٿو. تمر جا گهاٽا ٻيلا، گهٽي پاڳي انهن هنڌن تي موجود آهن جيڪي ڪاڙين سبب وجود ۾ آيا آهن. ڪنهن دور ۾ هي ڊيلٽا هر سال، سنڌوءَ جو 400 ملين ٽن لٽ خارج ڪرڻ سبب ساليانو 4 کان 30 ميٽر ڏاڪٽي ۽ الهندي طرف وڌندي ڏنو ويو هو. جڏهن تہ ملڪ جي اوپاري وهڪري ۾ پاڻيءَ جي وڌندڙ کنوتيءَ سبب ڊيلٽا تائين پهچندڙ لٽ ۾ زبردست گهٽتائي آئي آهي[2]. هن وقت ڊيلٽا جي چوٽي (apex) ٺٽي جي ڏکڻ ۾ آهي. جڏهن تہ هاڻ، اصل ڊيلٽا جو رڳو 10 سيڪڙو وڃي بچيو آهي.

## 2. سنڌوءَ جي وهڪري ۾ لاٽ

19هين صديءَ جو رڪارڊ شاهد آهي تہ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ، سنڌوءَ ۾ هر سال 150 ملين ايم اي ايف (ملين ايڪڙ فوٽ) پاڻي وهندو رهندو هو، درياءَ ۾ سڄو سال ڪجهہ نہ ڪجهہ پاڻي موجود رهندو هو جيڪو مارچ ۾ وڌي ويندو، آگسٽ ۾ درياءَ موج ۾ اچي ويندو ۽ نومبر ۾ لاٽ ڪائڻ شروع ڪندو هو. جڏهن تہ ملڪ جي آزاديءَ ماڻڻ کانپوءِ، زراعت کي زور ونرائڻ تي وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏنو ويو ۽ زراعت جي واڌاري سان آهستي آهستي گهٽي ۾ گهٽي زمين زرعي مقصدن لاءِ استعمال ٿيڻ لڳي. جنهن سبب اهڙي زمين جيڪا قدرتي طور تي سر سبز رهندڙ هئي، اها زرعي فصلن اپائڻ سبب تباهہ ٿي وئي.

زراعت جي وڌڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ صنعتن جي ترقي ٿيڻ سبب پاڻي، زرعي مقصدن ۽ بجليءَ جي پيداوار لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو، جنهن لاءِ سنڌو درياءَ ۽ منجهانئس نيڪال ٿيندڙ شاخن تي رزروائر / ڊئم ٺاهيا تہ ويا پر، معاشي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ مستقبل جي ماحولياتي مسئلن کي، جيڪي ايندڙ وقت ۾ ڪر کڻڻ وارا هيا غير اهم سمجهيو ويو. بئراجن ۽ ڊئمن جو وسيع ڄار وڇائي سنڌوءَ، جهلم ۽ چناب دريائن رستي اهڙيون زمينون آباد ڪرڻ شروع ڪيون ويون جيڪي اڳ ۾ ايرنڊين ندين رستي آباد ٿينديون هيون تہ جيئن، اهڙين ندين جي پاڻيءَ جي کوٽ پوري ڪري سگهجي جيڪي سيپٽمبر 1960ع ۾ 'سنڌو طاس معاهدي' هيٺ انڊيا جي حوالي ڪيون ويون هيون. 1965ع ۾ وارسڪ ڊئم، 1967ع ۾ منگلا ڊئم ۽ 1976ع ۾ تربيلا ڊئم ٺاهيا ويا.

انهن ڊئمن جي ٺهڻ سان سنڌ ۾ خاص طور تي، صوبي جي ساموندي خطي ڏانهن پاڻيءَ جي وهڪري تي گهرو اثر پيو آهي. جڏهن تہ، 1955ع کان 1966ع تائين ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ساليانو لهوارو وهڪرو جيڪو 79.9 ايم اي ايف رهندو ٿي آيو اهو اڳتي هلي منگلا ۽ تربيلا ڊئمن جي ٺهڻ کانپوءِ گهٽجي ترتيبوار 46.0 ۽ 35.2 ايم اي ايف ٿي ويو. نہ رڳو ايترو پر، پاڻيءَ جي وهڪري گهٽجڻ سان گڏ، ڪوٽڙيءَ کان لهواري لٽ ۾ بہ، گذريل 60 سالن دوران 72.4 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. ان سڄيءَ صورتحال جو هڪ دلچسپ پهلو هي بہ آهي تہ، وقت بہ وقت وهڪري وڌائڻ جي پڪ ڏيارڻ باوجود، ڪوٽڙي بئراج کان لهوارو وهڪرو گذريل ڪيترن ئي سالن کان انتهائي گهٽ رهندو آيو آهي. جنهن جي لهواري وهڪري جي انگن اکرن مان خبر پئجي سگهي ٿي. جهڙوڪ، ماضيءَ ۾ سنڌوءَ جو هر سال لهوارو وهڪرو اٽڪل روءِ 150 ايم اي ايف رهندو ٿي آيو تہ ساڳئي وقت، وهڪري سان گڏ اندازاً 400 ملين ٽن لٽ بہ وهندو ايندو هو[3]. جڏهن تہ گذريل 60 سالن دوران جڏهن کان سنڌوءَ تي ڊئم ۽ بئراج ٺاهيا ويا آهن تڏهن کان تازي پاڻيءَ جو وهڪرو سراسري طور تي 30 ايم اي ايف کان گهٽجي تہ لٽ بہ ساليانو اندازاً 100 ملين ٽن کي اچي پهتو آهي. ٻين لفظن ۾، لٽ ۾ هر سال، 30 ملين ٽنن جي گهٽتائي آئي آهي. ان جو هڪ تازو مثال هي ڏئي سگهجي ٿو تہ، سال 1999- 2000ع ۾ ڪوٽڙي بئراج جو لهوارو وهڪرو جيڪو 8.83 ايم اي ايف رڪارڊ ڪيو ويو هو اهو سال، 2000-2001 ۽ 2001-2002 ۾ گهٽبو گهٽبو ترتيبوار 0.72

ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ سنڌوءَ جو ساليانو وهڪرو
**(1999-2009)**




Source: Irrigation and Power Department, Government of Sindh

3 Sikandar Brohi, Degradation of Indus Delta and Its impact on local communities, Actionaid 2004.

2 http://www.worldwildlife.org/wildworld/profiles/g200/g156.html.



تازي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ گهٽتائيءَ سبب ختم ٿيندڙ تمر جا ٻيلا

۾ 1.925 ايم اي ايف کي اچي پهتو. تازي پاڻيءَ جي اپٽري گهٽ وهڪري سبب هن خطي جي ماحوليات ۽ گوناگوجيوت سميت گذر سفر لاءِ انڊس ڊيلٽا جي وسيلن تي گذران ڪندڙ انسانن کي سخت ڇيهو رسيو آهي.

### 3. اثر: ماحولي ۽ سماجي

پاڻيءَ جي وسيلن جي ٿيندڙ ترقيءَ سبب پيدا ٿيندڙ سياسي اثر اندازي ۽ ان سان لاڳاپيل ملڪي حڪمت عمليءَ سبب، ماضيءَ ۾ انڊس ڊيلٽا کي ٿيندڙ فائدو هاڻ، مٿانهين وهڪري جي علائقن ڏانهن منتقل ٿي ويو آهي. ڪنهن دور ۾، خوشحال رهندڙ انڊس ڊيلٽا جا رهواسي هاڻ ڪوتاه حڪمت عملين سبب ڏتڙجي ويا آهن. اهو ئي سبب آهي جو گذريل صديءَ کان، جڏهن کان پاڻيءَ جي وسيلن جي ترقيءَ لاءِ ٺهندڙ حڪمت عمليون / رٿائون وجود ۾ آيون آهن تڏهن کان هن علائقي / خطي تي ڪيترائي ناڪاري اثر پيا آهن.

اهڙين رٿائن / حڪمت عملين جي لاڳو ٿيڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ تباهي، تمر جي ايراضيءَ ۾ (مڇين جي واڌ ويجهه جو هڪ اهم ماڳ) گهٽتائيءَ جي صورت ۾ پيدا ٿي آهي، مڇيءَ جي ذخيرن ۾ گهٽتائي آئي آهي، زرعي زمين ۾ ساوڪ گهٽبي وئي آهي، سمنڊ مٿاڇري رستي ۽ جر جي پاڻيءَ جي صورت ۾ پائيندو وڌندو رهيو آهي، جنهن سبب جَر جو پاڻي خراب ٿي ويو آهي ۽ مال جي چرڻ وارن ماڳن ۾ زبردست گهٽتائي آئي آهي. ان ڪانسواءِ، گهٽي ۾ گهٽي زراعت (جنهن کي ٻوڏ جيان پاڻي ڏنو وڃي ٿو) جيڪا اهڙي پاڻيءَ تي ٿيندڙ هئي جنهن جي

مٿانهين وهڪري کي ڊيمن ۽ ٻئراجن رستي گڏ ڪيو ۽ ڪئنالن ۽ شاخن رستي ورهايو ويندو هو، انهن مان هڪ اهڙي قسم جي زرعي غلاظت پيدا ٿي رهي آهي جنهن جو آخري نڪاٽو انڊس ڊيلٽا ئي آهي. اهڙين ڳالهين، هڪ پاسي کان هن علائقي جون آباديون تباهه ڪري ڇڏيون آهن، جنهن لاءِ اهو عذر ڏنو وڃي ٿو ته، زرعي اپت جي واڌاري ڪرڻ سان ٻين علائقن جي ترقي ڪرائي رهيا آهيون ته ٻئي پاسي کان ان سبب مٿانهين علائقي ۾ سم ۽ ڪلر پيدا ٿيڻ ڪري زمينون تباهه ٿي ويون آهن.

ويتر، زمانن کان درياءَ ڪناري سان زندگي گذاريندڙن جا، سندن درياءَ تي حقن جهڙي عالمي مڃيل قانون جي به انحرافي ڪئي وئي آهي. اهڙي فيصلي ڪن رٿا جي نتيجي ۾، پيدا ٿيندڙ تباهين جي اپائن ڏانهن نه ته سرڪار ۽ نه ئي سهائتا ڪندڙ ادارا ڌيان ڏئي رهيا آهن. جنهن سبب پيدا ٿيندڙ اهڙن ڪن مخصوص انساني ۽ ماحولياتي تباهين جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

**پهريون،** تمر جا ٻيلا جيڪي نه رڳو پاڪستان جي سامونڊي ڪنارن ۽ انهن سان لاڳاپيل آبادين جا محافظ آهن ته انڊس ڊيلٽا جي هڪ سڃاڻپ به سمجهيا وڃن ٿا، آهستي آهستي ختم ٿي رهيا آهن. ڪنهن زماني ۾، انڊس ڊيلٽا، 97 سيڪڙي تائين تمر جي مختلف قسمن سان ڇانيل رهندو هو. جيڪو مقامي آباديون ٻارڻ ۽ عمارتي ڪاٺ لاءِ استعمال ڪنديون هيون. تمر جا ٻيلا، ڪيترن قسمن جي تجارتي مڇين جهڙوڪ: گانگٽن، ڪيڪڙن ۽ لوبسٽرن لاءِ نرسريون ٿين ٿا ۽ سامونڊي ڪناري کي کاڌ، سوناميءَ جهڙين آفتن، خطرناڪ واچوڙن ۽ طوفانن لاءِ به ڍال ٿين ٿا. تمر جا ٻيلا، ايندڙ موسمي تبديلين جي ڪري، جڏهن هر هر طوفان لڳندا رهن ٿا وڌيڪ اهم ٿي ويا آهن. جيڪڏهن، تمر جهڙن ٻيلن جي ڍال کي ختم ڪيو ويو ته ساحلي علائقن جي آبادين ۽ وسندين تي، قدرتي آفتن جو گهڻو اثر پوندو. انڊس ڊيلٽا جي اجڙڻ کان اڳهِ هتي جي 260,000 هيڪٽرن تي ٿيندڙ تمر جي اٺن جنس مان هاڻ رڳو چار جنسون وڃي بچيون آهن. انهن چئن جنسن ۾، تمر جي اويسينا مئرينا (*Avicenna marina*) 95 سيڪڙو ٿئي ٿي.

**ٻيون،** سامونڊي ڪنارن سان زندگي گذاريندڙن ۾ غربت، بي يارو مددگاري، نراسائي ۽ نا اميدي عام جام آهي. غريب آبادين وٽ آمدنيءَ جو ڪو ٻيو ذريعو ۽ وسيلو نه هجڻ سبب سندن سڄو دٻاءُ، مڇي مارڻ ۽ تمر جي وسيلن تي آهي. مڇيءَ جي گهٽتائي ۽ قرضن اهڙي صورتحال کي اڃان وڌيڪ بگاڙي ڇڏيو آهي. مقامي آبادين جي لڏپلاڻ ۾ به ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته، سمنڊ جي پائيندي رهڻ سبب ڳوٺ ٻڏي رهيا آهن، جنهنڪري ماڻهو وڏن شهرن خاص طور تي ڪراچيءَ ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور آهن، جنهن جو شهري مرڪزن تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي. ان جو مثال اجڙندڙ ڪيٽي بندر جي صورت ۾ اسان جي آڏو آهي جتان جا ماڻهو نه کٽندڙ طوفانن جي دٻ ۽ سخت ماحولي حالتن ڪري لڏپلاڻ ڪري ويا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اڄ، ڪنهن دور ۾ ڳتيل آبادي واري هن شهر ۾ هاڻ ٻه هزار ماڻهو به مس وڃي بچيا آهن.

**ٽيون،** ماحولي سرشتن جي ڪارجن ۽ منجهائن حاصل ٿيندڙ سهوليتن جي وڏي تباهي ٿي آهي، جن کي سنواري يا بحال ڪري نه ٿو سگهجي. ڪيترن ماڳن ۽ جوئين سميت ماحولي سرشتا تباهه ٿي ويا آهن ته ماحولي سرشتن مان حاصل ٿيندڙ سهوليتون به ختم ٿي چڪيون آهن. باقي بچيل ۽ اجڙندڙ ماحولي سرشتن جي پيداوار جنهن ۾، پلي جي واڌ ۽ مارڻ، دريائي ٻيلن مان حاصل ٿيندڙ اپت، جهنگلي جيوت جي تباهي، زراعت ۽ سامونڊي جاندارن جون ڪيتريون جنسون شامل آهن، معاشي طور تي سخت متاثر ٿيون آهن. اهڙيون حالتون اڳ ۾ ئي بدتر صورتحال کي وڌيڪ ابتر ڪري ماڻهن جي غربت ۾ (جيڪي سدائين انهن وسيلن جا محتاج رهندڙ آهن) واڌارو ۽ مستقبل جون ترقياتي صلاحيتون گهٽائي ڇڏينديون.

**چوٿون،** ايل بي او ڊي (LBOD) جهڙي چنڊڻ، بدين ضلعي جي جاگرافيائي حالتن تي سخت اثر انداز ٿي آهي. نيڪاس جي هن رٿا ساحلي ويٽ لئنڊ جي گوناگون جوڙجڪ کي خاص طور تي متاثر ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جا ٻه ويٽ لئنڊ، رامسر سائيٽ ۾ شامل آهن. عالمي بئنڪ جي انسپيڪشن پئنل، جنهن ايل بي او ڊي رٿا لاءِ سال 2005ع ۾ مالي سهڪار ڪيو، تنهن بئنڪ جي

رٿائن جي خلاف ڪم ٿيڻ سبب پنهنجيءَ چند چاڻ ڪيل رپورٽ ۾ پڌرو ڪيو آهي ته، انهن مان هڪ ويٽ لئنڊ جي زندگي ختم ٿي چڪي آهي. جنهن جو مکيه سبب ايل بي او ڊي جي ٽائيڊل لنڪ جي ناقص جوڙجڪ هجڻ سبب، ويٽ لئنڊ ۾ سمنڊ جي پاڻيءَ جو پائڻ ۽ ڪاراڻ جي مقدار ۾ ٿيندڙ واڌارو آهي.

**پنجون.** ڊيلٽائي علائقي ۾ رهندڙ وسندين کي، نه ته پيئڻ لاءِ پاڪ صاف پاڻي ۽ نه ئي صحت صفائيءَ جون بنيادي سهولتون ميسر آهن. اهڙي مسئلي جو شڪار، ڪراچيءَ جي هاڪس بي ڪانوني بدين ضلعي جي علي بندر تائين رهواسي آهن. مهاڻن جي گهڻائي، جيڪا درياءَ جي پڪن ۽ ڪاڙين (Creeks) سان رهندڙ آهي، پيئڻ لاءِ پاڻيءَ جي اڻهوند سبب سخت متاثر ٿي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪين، پاڪستان جي خوش پوش ماڻهن جي پيٽ ۾ پاڻيءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو خرچ ڪرڻو پوي ٿو. اسانجي معاشري ۾ اهو، سماجي اڻ برابريءَ جو هڪ بدترين مثال آهي.

اڄ به ان صورتحال ۾ بهتري ايندي نظر نٿي اچي. جن ترقياتي رٿائن سبب انڊس ڊيلٽا جي زندگي ختم ٿي وئي آهي، اهي اڄ به هلي رهيون آهن. هن خاموش انساني بحران ۾، علائقي جي هڪ ملين کان به وڌيڪ انسانن ڪانسواءِ جانورن ۽ وڻن ٽڻن سميت پاڪستان جو هڪ تمام اهم ماحولي سرشتو ڦاٿل آهي ۽ ان جو شايد ته، ڪنهنکي به احساس ناهي. ان کان وڌيڪ بي کهڙي بدقسمتي ٿي سگهي ٿي ته هن انساني بحران کي ختم ڪرڻ بجاءِ جتي واپڊا جا آفيسر، ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ پاڻيءَ وهائڻ کي زيان ۽ فضول سمجهن ٿا اتي بئراجن لاءِ پئسو ڏيندڙ امدادي ادارا، سنڌوءَ جي اوپاري وهڪري تي شاهي رٿائن لاءِ سهڪار ڪرڻ سان گڏ اڃا به وڏا وڏا ڊيم اڏڻ لاءِ فنڊ ڏيڻ ۾ دلچسپي رکندڙ آهن.

**سفارشون:**

- پاڪستان سرڪار، انڊس ڊيلٽا کي بحال ڪرڻ جو پروگرام شروع ڪري ۽ اهو پروگرام ڪنهن آزاد اداري رستي نافذ ٿئي. ان رٿا هيٺ ضايع ٿي ويل جاندار جنسن جي بحاليءَ لاءِ قدم کڻي، اتان جي ماڻهن کي ماحولي لحاظ کان بهتر آباد ڪرڻ جا اپاءُ وٺي ۽ ساحلي پٽيءَ لاءِ ڊگهي مدي لاءِ جوڳو بندوبست ڪري.
- جيسٽائين تفصيلي اڀياس ڪري پاڻيءَ جي گهربل مقدار جو ڪاٿو لڳايو وڃي، تيسٽائين وڌيڪ وقت وڃائڻ جي، جلد کان جلد، ڪوٽڙيءَ کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ 10 ايم اي ايف پاڻي وهائڻ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ پاڻيءَ جو ايترو مقدار ٿيندڙ فيصلي جي لاڳو ٿيڻ تائين لاڳيتو ڏنو وڃي.
- هڪ جامع ۽ گهڻ رخو سائنسي اڀياس ڪرائي ڊسجي ته انڊس ڊيلٽا کي بچائڻ، سانڍڻ، بحالڻ ۽ سمنڊ جي پائڻ کي روڪڻ لاءِ پاڻيءَ جو ڪيترو مقدار وهائڻ ضروري آهي.
- ان اڀياس مان حاصل ٿيندڙ سفارشن تي هڪدم عمل ڪيو وڃي ۽ سفارش پٽاندڙ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ وڌيڪ مقدار ۾ پاڻي ڇڏيو وڃي.
- ترقيءَ جي رٿا ۾ مقامي آبادين جي قدرتي وسيلن جي حقن کي ضرور تسليم ڪيو وڃي.
- ٿيل نقصان جو لازماً، جامع ڪاٿو لڳايو وڃي ۽ مقامي آبادين کي ان جو جائز معاوضو ڏنو وڃي.
- سمنڊ ۾، شهري - صنعتي ۽ زرعي غلاظتون وهائڻ کان اڳ ۾ لازماً، ماحولياتي قانونن ۽ معيارن تي عمل ڪيو وڃي. جيڪي سمنڊ ۾ اهڙي غلاظت وهائين ٿا تن کي ان جو هرجاڻو ضرور ڀرڻ جو اصول قائم ڪرڻ گهرجي.
- سماجي ڀلائيءَ جا ٽڪرا ٽڪرا پروگرام جهڙوڪ: تعليم، صحت، صاف پاڻيءَ جي رسد، صحت صفائي، ننڍن قرضن وغيره جهڙين سماجي سهوليتن جي گنجائش هجڻ گهرجي ته جيئن آمدنيءَ جا مختلف ذريعا پيدا ۽ ڊگهي مدي لاءِ انساني پونجيءَ (human capital) جو بنياد رکي سگهجي.
- طبعي پونجيءَ (Physical capital) کي سگهاري ڪرڻ جون رٿائون هلائڻ گهرجن جنهن ۾ آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ ضروري بنيادي ڍانچا وغيره اچي وڃن ٿا.
- مڇي مارينڊڙ آبادين کي، اهڙيون سهوليتون مهيا ڪجن ته جيئن اهي پائدار بنيادن تي مڇي مارين، جنهن ۾ ڊِڪا (Jetties) ناهڻ ۽ ٻيڙين ناهڻ جي مالي مدد ڪرڻ شامل هجي.
- ساحلي علائقن جون جامع انتظامي رٿائون تيار ڪجن جن ۾ مقامي آبادين جي صلاح ۽ شموليت سان مقامي آبادين جو زمين ۽ وسيلن تي حقن کي يقيني بڻايو وڃي.

**ائڊريس:**

**فرينڊس آف انڊس فورم سيڪريٽريٽ**

606- 607 فارچون سينٽر، بلاڪ- 6 پي اي سي ايڇ ايس، شاهراه فيصل، ڪراچي، پاڪستان.

فون: +92 21 34544791 ،+92 21 34544729

فئڪس: +92 21 34544790

www.foreverindus.org/friendsofindus/index.php

**فرينڊس آف انڊس فورم جو تخيل آهي ته:**

انڊس بئسن، خاص طور تي هيٺاهين درياءَ سان آباد (riparian) وسندين جي حال ۽ مستقبل جي نسلن لاءِ خوشحاليءَ کي يقيني بڻائڻ ته جيئن قدرت جي مانداڻ کي ڇيهو رسائڻ ڪانسواءِ ميٺ محبت ۾ رهي سگهجي.

**مقصد:**

اهڙن سيني مسئلن جا اپاءَ ڳولهڻ، جن قدرتي ماحولي سرشتن لاءِ انيڪ خطرا پيدا ڪيا آهن، جاندار جسمن جو جيئڻ جنجال ڪيو آهي ۽ جن ماڻهن جي زندگيءَ جو مدار گوناگوجيوت ۽ قدرتي وسيلن تي آهي، اهي مايوسيءَ ۽ غربت جي گهاٽي ۾ وڌيڪ پيسبا پيا وڃن.

هي پوزيشن پيپر، فرينڊس آف انڊس فورم، انڊس فار آل پروگرام، ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان جي فني ۽ مالي سهڪار سان شايع ڪيو.

سنڌيڪار: ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو